# وضوجو ثواب

سنڌي



پيشڪش :مجلس المدينة العلميه (دعوتِ اسلامي)

ترجمو :ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنۡ شَآءَاللهُ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ عَلَيۡنَا حِكۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَيۡنَا رَحۡمَتَكَ يَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفكر بيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: وضو جو ثواب

ڇاپو پهريون: جمادي الثاني 1442هـ، ڊسمبر 2020ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بـانيءِ دعوت اسـلامي، حضـرت عـلامہ
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**
جو اُردو زبـان ۾ رسـالو

# وضو جو ثواب

## پيشڪش
**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه**
(دعوت اسلامي)

## ترجمو
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213
**Email:** 🖃 translation@dawateislami.net

# فهرست

## وضو جو ثواب 1


دعاءِ عطار ........ 1
درود شريف جي فضيلت ........ 1
حوضِ ڪوثر جا جام ........ 1
باوضو رهڻ جون برڪتون ........ 4
هر وقت باوضو رهڻ شهادت جو مرتبو ماڻڻ جو ذريعو آهيْ: ........ 4
دل جي صفائي ........ 5
احساس ڪمتري جو هڪ علاج ........ 5
وضو جا 6 فضائل ........ 6
وضو جا دنياوي فائدا ۽ حڪمتون ........ 9
هٿ ڌوئڻ جون حڪمتون ........ 9
مسواڪ شريف جون 12 برڪتون ........ 10
سائنسي اعتبار سان مِسواڪ جا طبّي فائدا ........ 11
گُرڙي ۽ غرغرا ڪرڻ جا طبّي فائدا ........ 11
نڪ ۾ پاڻي وجهڻ جا طبّي فائدا ........ 12
چهرو ڌوئڻ جا طبّي فائدا ........ 13
وضو ۽ هاءِ بلڊ پريشر ........ 13
وضو ۽ فالج ........ 14
گهر ۾ وضو خانو ٺهرايو ........ 14
وضو خانو ٺهرائڻ جو طريقو ........ 15

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# وضو جو ثواب

## دعاءِ عطار

يااللّٰه پاڪ! جيڪو 17 صفحن جو رسالو ”وضُو جو ثواب“ پڙهي يا ٻڌي وني اُن جو اعمالنامو گناهن کان پاڪ ڪري ڇڏ.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِیِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: ماڻهن ۾ منهنجي تمام ويجهو اِهو شخص هوندو، جنهن مون تي گهڻي کان گهڻو درود پاڪ پڙهيو هوندو.

(ترمذي ج٢ ص ٢٧ حديث:٤٨٤ ، دارالفكر بيروت)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب!   صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حوضِ ڪوثر جا جام

اللّٰه پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (هڪ ڀيرو) قبرستان جي طرف تشريف ڪٺي آيا تہ فرمايائون: توهان تي سلام هجي، اي مؤمن قوم جا گهر وارؤ! جيڪڏهن اللّٰه پاڪ چاهيو تہ اسان بہ توهان سان ملڻ وارا آهيون، مان پسند ڪريان ٿو تہ اسان پنهنجي ڀائرن کي ڏسي وٺون ها. صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُم عرض ڪيو: يارسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا اسان اوهان جا ڀائر ناهيون؟ فرمايائون: توهان منهنجا اصحاب آهيو ۽ اسان جا ڀائر اهي آهن جيڪي اڃان تائين پيدا ناهن ٿيا، صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُم عرض ڪيو: جيڪي اڃان

تائين پيدا ناهن ٿيا، اوهان انهن کي ڪيئن سڃاڻندؤ؟ رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: توهان جو ڇا خيال آهي جيڪڏهن ڪنهن شخص وٽ هڪ ڪاري رنگ جو گهوڙو هجي ۽ ان جي ڪاري ڪلهن جي وچ ۾ هڪ چمڪدار نشان هجي ته ڇا اهو پنهنجي گهوڙي کي نه سڃاڻي سگهندو؟ عرض ڪيائون: ڇو نه، يارسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! حضوراڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جڏهن اهي منهنجي حوض تي ايندا ته انهن ماڻهن جا اعضاء وضو جي ڪري چمڪندا هوندا ۽ مان حوضِ ڪوثر تي انهن جي استقبال لاءِ موجود هوندس.

(مسلم ص، 123 حديث 584، دارالڪتاب العربي بيروت)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بنا شڪ وشبهي جي هر عقلمند هن ڳالهه کان چڱي طرح واقف آهي ته صفائي، سترائي انسان جي وقار ۾ اضافو ڪندي آهي جڏهن ته گندگي اِنسان جي عزّت و عظمت کي گهٽائي ڇڏيندي آهي. دينِ اسلام جتي انسان کي ڪُفر و شِرڪ جي نجاستن کان پاڪ ڪري عزّت و بلندي عطا فرمائي آهي اُتي ظاهري صفائي سترائي رکڻ جي دينِ اسلام تعليم و ترغيب به ڏني آهي، الله پاڪ سيپاري 2 سُوۡرَۃُالۡبَقَرَہ جي آيت نمبر222 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيۡنَ وَيُحِبُّ الۡمُتَطَهِّرِيۡنَ ﴿۲۲۲﴾

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ الله گهڻي توبه ڪرڻ وارن سان محبت فرمائيندو آهي ۽ صاف سترو رهڻ وارن کي پسند فرمائيندو آهي.

انهيءَ طرح ڪيئي احاديثِ مبارڪ ۾ بہ صفائي سترائي جي اَهَمِّيَّت کي اُجاگر ڪيو ويو آهي. اچو! تي فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهو:

1. اَلطُّهُوْرُ نِصْفُ الْاِيْمَانِ يعني صفائي اڌ ايمان آهي. (ترمذي ج ۵ ص ۳۰۸ ، حديث:۳۵۳۰)

2. بيشڪ اسلام صاف سترو (دين) آهي پوءِ توهان بہ صفائي سترائي ڪندا ڪريو ڇوتہ جنّت ۾ صاف سترو رهڻ وارو ئي داخل ٿيندو. (ڪنزالعمال جزء ۹ ج ۵ ص ۱۲۳ ، حديث:۲۵۹۹۶ ، دارالڪتب العلميہ بيروت)

3. جيڪا شيءِ توهان کي حاصل ٿئي ان سان صفائي سترائي ڪريو، اللّٰہ پاڪ اسلام جو بنياد صفائي تي رکيو آهي ۽ جنت ۾ صاف سترا رهڻ وارا ئي داخل ٿيندا. (جمع الجوامع ج ۴ ص ۱۱۵ ، حديث:۱۰۶۲۴ ، دارالڪتب العلميہ بيروت)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي گهرجي تہ اسان پاڻ کي هر طرح جي گندگي ۽ مَر مٽي کان پاڪ و صاف رکڻ جي ڪوشش ڪريون، صاف سترو رهڻ سان انسان گهٽي حد تائين جسماني بيمارين کان محفوظ رهي ڊاڪٽرن وٽ وڃڻ کان بہ بچي سگهي ٿو. پنهنجو پاڻ کي صاف سترو رکڻ ۽ پنهنجي صحت کي قائم رکڻ جي لاءِ باوضو رهڻ بيشڪ هڪ بهترين عمل آهي. اللّٰہ پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ وضوءَ ۾ ڌوئڻ وارن ڪجھ عضون کي خصوصيت سان بيان فرمايو آهي، جيئن تہ سيپاري 6 سُوْرَةُ الْمائده جي آيت نمبر 6 ۾ ارشاد ٿئي ٿو.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِذَا قُمۡتُمۡ اِلَى الصَّلٰوةِ فَاغۡسِلُوۡا وُجُوۡهَكُمۡ وَ اَيۡدِيَكُمۡ اِلَى الۡمَرَافِقِ وَ امۡسَحُوۡا بِرُءُوۡسِكُمۡ وَ اَرۡجُلَكُمۡ اِلَى الۡكَعۡبَيۡنِ ؕ وَ اِنۡ كُنۡتُمۡ جُنُبًا فَاطَّهَّرُوۡا ؕ

**ترجمو ڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ! جڏهن نماز جي واسطي اٿڻ جو ارادو ڪيو تہ پنهنجو منهن ڌوئو ۽ نونين تائين هٿ ۽ مٿي جي مک ڪيو ۽ پيرڏين تائين پير ڌوئو ۽ جيڪڏهن توهان کي غسل جي ضرورت هجي تہ خوب پاڪائي ڪري وٺو.

## باوضو رهڻ جون برڪتون

### هر وقت باوضو رهڻ شهادت جو مرتبو ماڻڻ جو ذريعو آهيٖ:

مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرتِ سيّدُنا اَنَس رَضِىَ اللّٰهُ عَنۡهُ کي فرمايو: ”پُٽ! جيڪڏهن تون هميشہ باوضو رهڻ جي طاقت رکين تو تہ ائين ئي ڪر ڇوتہ مَلَكُ الۡمَوت جنهن ماڻهوءَ جو رُوح وُضوءَ جي حالت ۾ قبض ڪندو آهي ان جي لاءِ شهادت لکي ويندي آهي“. (ڪنزالعمال الجزء ٩ ج٥ ص ١٣٠، حديث:٢٦٠٦١)

منهنجا آقا اعليٰ حضرت اِمام اَحمَد رَضا خَان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ”هميشہ باوُضو رهڻ مُستَحب آهي.“ (فتاويٰ رضويہ تخريج شده ج ١ ص ٧٠٢)

هڪ بي هنڌ فرمائن ٿا: ”هميشہ باوضو رهڻ اسلام جي سُنت آهي“ (فتاويٰ رضويہ ج ١ ص ٧٠٢)

ڪجھ عارِفن سڳورن فرمايو: جيڪو هميشہ باوُضو رهي الله پاڪ ان کي سَتن فضيلتن جو شَرف عطا فرمائيندو آهي: ﴿1﴾ فِرشتا ان جي صحبت ۾ رهڻ جا شوقين هوندا ﴿2﴾ قلم ان جي لاءِ نيڪيون لکندو رهندو ﴿3﴾ ان جا عُضوا تسبيح ڪندا ﴿4﴾ ان جي تَڪبيرِ اُولىٰ فوت نہ ٿيندي ﴿5﴾ جڏهن سُمهي تہ الله پاڪ ڪجھ فِرشتا موڪليندو تہ جيئن جِنن ۽ اِنسانن جي شر کان سندس حفاظت ڪن ﴿6﴾ موت جي سَڪرات مٿس آسان ٿيندي ﴿7﴾ جيستائين وضوءَ سان رهندو الله پاڪ جي اَمان ۾ رهندو. (فتاويٰ رضويہ ج١ ص ٧٠٢)

## دل جي صفائي

حڪيم الامّت حضرت مفتي احمد يارخان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪجھ صوفياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰه فرمائن ٿا پاڪ ڪپڙن ۾ رهڻ پاڪ بستر تي سمهڻ هميشہ باوضو رهڻ دل جي صفائي جو ذريعو آهي.

(مرأة المناجيح ج١ ص ٤٦٨ ، ضياءالقرآن پبليڪيشنز لاهور)

## احساس ڪمتري جو هڪ علاج

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هر وقت باوضو رهڻ جي عادت وجهو جو باوضو رهڻ سان جتي ٻيا بيشمار فائدا ۽ برڪتون حاصل ٿينديون آهن اُتي ئي احساسِ ڪمتري کان بہ نجات ملندي آهي.

(حافظو مضبوط ڪيئن ڪجي؟ ص ٩٥_٩٦)

شيخِ طريقت اميراهلسنت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه تمام مسلمانن کي”72 نيڪ اعمال“ جو تحفو عنايت فرمايو آهي جنهن تي رضاءِ

الٰهي جي لاءِ اخلاص سان عمل ڪرڻ وارو يقيناً نيڪ مسلمان بڻجي سگهي ٿو. پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ پنهنجي هن رسالي ۾ ڏينهن جو اڪثر حصو باوضو رهڻ جي ترغيب ڏياريندي نيڪ عمل نمبر 39 ۾ ارشاد فرمائن ٿا: ”ڇا اڄ توهان ڏينهن جو اڪثر حصو باوضو رهيا؟“

روزانو پنهنجو جائزو وٺندي نيڪ اعمال جو رسالو پري هر اِسلامي مهيني جي پهرين تاريخ تي پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو پڻ هر مهيني پابندي سان عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن جي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سنتن پريو سفر اختيار ڪيو، لباس ۽ بدن سان گڏوگڏ ڪردار ۽ اخلاق به صاف سٿرو ٿي ويندو. اِنْ شَآءَاللّٰه

ڪرلو نيت خوب کوشش کرکے ہم اپنا عمل
مدنی انعامات پر ہر دم عمل بڑھاتے جائیں گے

کرلو نیت سنتوں کی تربیت کے واسطے
قافلوں میں ہم سفر کرتے کراتے جائیں گے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## وضو جا 6 فضائل

**(1) وضو گناهه ڇڻڻ جو ذريعو آهي:** الله ڪريم جي آخري رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن ٻانهو وضو ڪندي ڪرڙي ڪندو آهي ته ڪين وات مان گناهه نڪري ويندا آهن، جڏهن نڪ ۾ پاڻي وجهندو

آهي تہ نڪ جا گناهہ نڪري ويندا آهن، پوءِ جڏهن چهرو ڌوئيندو آهي تہ ڪين چهري جا گناهہ ڇڻي ويندا آهن، ايستائين جو ان جي اکين جي پنبڻن جي هيٺان جا گناهہ بہ ڇڻندا آهن ۽ جڏهن ٻئي هٿ ڌوئيندو آهي تہ ان جي ٻنهي هٿن جا گناهہ بہ ڇڻي ويندا آهن ايستائين جو ان جي هٿن جي نُنهن جي هيٺان جا گناهہ بہ ڇڻي ويندا آهن، پوءِ جڏهن اهو پنهنجي مٿي جو مسح ڪندو آهي تہ ان جي مٿي جا گناهہ بہ ڇڻي ويندا آهن ايستائين جو ان جي ڪنن جا گناهہ بہ ڇڻي ويندا آهن، پوءِ جڏهن پنهنجا پير ڌوئيندو آهي تہ ان جي پيرن جا گناهہ ڇڻي ويندا آهن ايستائين جو پيرن جي نُنهن جا گناهہ بہ ڇڻندا آهن، پوءِ ان جو مسجد ڏانهن وڃڻ ۽ نماز پڙهڻ ان کان علاوه عبادت آهي. (نسائي ص ٢٥ ، حديث ١٠٣ ، دارالکتب العلميہ بيروت)

**(2) قيامت جي ڏينهن وضو ڪرڻ واري جي پيشاني چمڪندي هوندي:**

حضور سراپا نور صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: جڏهن منهنجي امت کي قيامت جي ڏينهن سڏيو ويندو تہ وضو جي سبب انهن جون پيشانيون ۽ قدم چمڪندا هوندا، تنهنڪري توهان مان جيڪو پنهنجي چمڪ ۾ اضافو ڪرڻ جي طاقت رکي ٿو ان کي گهرجي تہ ان ۾ اضافو ڪري. (بخاري ج١ ص٧١ ، حديث:١٣٦ ، دارالکتب العلميہ بيروت)

**(3) مشڪل وقت ۾ ڪامل وضو ڪرڻ بہ درجات جي بلندي جو سبب آهي:**

پنهنجي اُمّت سان پيار ڪرڻ واري پياري پياري آقا صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ڇا مان توهان کي اهڙي عمل جي طرف رهنمائي نہ ڪريان جنهن جي سبب الله پاڪ گناهہ مٽائيندو آهي ۽ درجا بلند ڪندو آهي؟ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇونہ، ضرور ڪيو. ارشاد فرمايائون: مشڪل وقت ۾

كامل وضو ڪرڻ ۽ مسجد جي طرف ڪثرت سان هلڻ ۽ هڪ نماز کان پوءِ ٻي نماز جو انتظار ڪرڻ، رُڪو اهو ئي گناهن کان حفاظت جي لاءِ قلعو آهي. (مسلم شريف ص ١٢٣ ، حديث:٥٨٧)

**(4) وضو هوندي وضو ڪرڻ ڏهه نيڪيون ڪمائڻ جو ذريعو آهي:**

اسان گنهگارن جي شفاعت فرمائڻ واري پياري پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو وضو هجڻ جي باوجود وضو ڪندو ان جي لاءِ ڏهه نيڪيون لکيون وينديون. (ابو داؤد ج ١ ص٥٦ ، حديث:٦٢ ، داراحياءالتراث العربي بيروت)

**(5) وضو ڪري ٻه رڪعتون پڙهڻ جنت واجب ڪرڻ وارو عمل آهي:**

اسان گنهگارن کي پنهنجي ربّ وٽان جنّت ڏيارڻ واري پياري پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي: جيڪو شخص احسن(يعني چڱي) طريقي سان وضو ڪري ۽ ٻه رڪعتون اطمينان سان ادا ڪري ته ان جي لاءِ جنّت واجب ٿي ويندي. (مُسلم شريف ص١١٨ ، حديث: ٥٥٣)

**(6) باوضو سمهڻ واري جي مراد پوري ٿيڻ جي بشارت آهي:**

سچي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو باوضو الله پاڪ جو ذڪر ڪندي پنهنجي بستر جي طرف اچي ايستائين جو ان تي غنودگي (ننڊ جو خمار) ڇائنجي وڃي ته اهو رات جي جنهن پهر ۾ ٻه الله پاڪ کان دنيا ۽ آخرت جي جيڪا ڀلائي گهرندو الله پاڪ ان کي اها ڀلائي عطا ڪندو. (ترمذي ج٥ ص٣١١ ، حديث:٣٥٣٧)

## وضو جا دنياوي فائداءِ حڪمتون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! خوش نصيب و سعادتمند مسلمان نمازن جا پابند هوندا آهن، نماز کان پهريان ڪيو ويندڙ وضو پنهنجي اندر ثوابِ آخرت جو خزانو رکڻ سان گڏوگڏ ڪيئي دنياوي فائدن جي حصول جو ذريعو آهي، ڇا توهان ڪڏهن هن ڳالهه تي غور ڪيو آهي ته وضو جي ابتداء هٿ ڌوئڻ سان ئي ڇو ڪئي ويندي آهي؟ نه؟ چلو مان عرض ڪريان ٿو: اسان سڄو ڏينهن پنهنجي هٿن سان طرحين طرحين جا ڪم ڪندا آهيون، جنهن جي سبب اسان جي هٿن ۾ ڪيئي جراثيم لڳي ويندا آهن، جيڪڏهن پنهنجي هٿن کي صاف سٿرو نه رکيو وڃي ته هي جراثيم اسان جي معدي تائين پهچي سگهن ٿا. وضو ڪندي وقت نيت ڪرڻ ۽ بسم الله شريف کان پوءِ سڀ کان پهريان ٻنهي هٿن کي ڪارائين تائين ٽي ٽي ڀيرا ڌوتو ويندو آهي، سنت تي عمل جي نيّت سان گڏ ان تي عمل ڪرڻ جي برڪت سان اسان کي سنّت تي عمل ڪرڻ جو ثواب ملندو ۽ ڪيئي بيمارين ۽ جراثيم کان به حفاظت ٿيندي آهي.

## هٿ ڌوئڻ جون حڪمتون

(ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي) مختلف شين ۾ هٿ وجهڻ سان هٿن ۾ مختلف ڪيميائي اجزا ۽ جراثيم لڳي ويندا آهن. جيڪڏهن سڄو ڏينهن هٿ نه ڌوتا وڃن ته جلد ئي اهي چمڙي جي هنن بيمارين ۾ مبتلا ٿي سگهن ٿا: مثلاً هٿن جون آرايون، چمڙي جي سوزش (يعني چمڙي جي سوڄ)، ايگزيما (چمڙي جي بيماري)، سينور (اهي جراثيم جيڪي رطوبت سبب ڪنهن شيءِ تي ڄمي ويندا آهن) جون بيماريون، چمڙي جو رنگ

بدلجڻ وغيره. جڏهن اسان هٿ ڌوئيندا آهيون ته آڱرين جي مُڏين مان شعاع (Rays) نڪري هڪ اهڙو حلقو ٺاهيندا آهن جنهن سان اسان جو اندروني برقي نظام مُتحَرڪ ٿي ويندو آهي ۽ هٿن ۾ خوبصورتي پيدا ٿيندي آهي ۽ هٿ انهن شين سان ٿيڻ واري انفيڪشن کان محفوظ ٿي ويندا آهن. (وضو ۽ سائنس، ص ١٠)

## مسواڪ شريف جون 12 برڪتون

**مسواڪ** شريف به وضو جي بهترين سنت آهي جيڪا ڪثير حڪمتن سان ڀريل آهي ۽ ان ۾ ڪثير دنياوي و اُخروي فائدا آهن. حضرت علامه سيّد احمد طحطاوي حنفي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه نقل ڪن ٿا: ❖ مسواڪ شريف کي لازم ڪريو، هن بابت غفلت نه ڪريو، هن کي هميشه ڪندا رهو ڇوته هن ۾ الله ڪريم جي خوشنودي آهي. ❖ هميشه مسواڪ ڪندو رهڻ سان روزي ۾ آساني ۽ برڪت رهندي آهي، ❖ مٿي جو سور ختم ٿيندو آهي، ❖ بلغم ختم ٿيندو آهي، ❖ اکين جي روشني تيز ٿيندي آهي، ❖ معدو درست ٿيندو آهي، ❖ حافظو (قوتِ يادداشت) تيز ٿيندو ۽ عقل وڌندو آهي، ❖ نيڪين ۾ اضافو ٿيندو آهي، ❖ ملائڪ خوش ٿيندا آهن، ❖ پوڙهائپ دير سان ايندي آهي، ❖ پُٺي مضبوط ٿيندي آهي، ❖ سڪرات ۾ آساني ٿيندي ۽ ڪلمو شهادت ياد ايندو آهي. (حاشيه طحطاوي ص ٦٩ ملخصاً) (مسواڪ شريف جا فضائل ص ١٩) اهلِ علم ته مسواڪ جا ڪيئي فضائل و فوائد پنهنجي پنهنجي ڪتابن ۾ بيان ڪيا ئي آهن پر جديد سائنس مسواڪ تي تحقيق ڪري ان جي باري ۾ اهڙا اهڙا انڪشاف ڪيا آهن جو ٻڌي ڪري عقل حيران ٿي رهجي وڃن. جيئن ته

## سائنسي اعتبار سان مِسواڪ جا طبّي فائدا

اَمريڪا جي هڪ مشهور ڪمپني جي تحقيق مطابق مسواڪ ۾ نقصان ڏيڻ وارن بيڪٽيريا کي ختم ڪرڻ جي صلاحيت ڪنهن به ٻي طريقي جي بنسبت 20 فيصد وڌيڪ آهي، ❖ سويڊن جي سائنسدانن جي هڪ تحقيق مطابق مِسواڪ جي رَسُ بيڪٽيريا کي بنا ڇُهي براهِ راست ختم ڪري ڇڏيندي آهي ۽ ڏندن کي ڪيئي بيمارين کان بچائيندي آهي، ❖ يو. ايس. نيشنل لائبريري آف ميڊيسن جي شايع شده تحقيق ۾ اِهو ٻڌايو ويو آهي ته جيڪڏهن مسواڪ کي صحيح طرح استعمال ڪيو وڃي ته هي ڏندن ۽ وات جي صفائي پڻ مُهارن جي صحت جو بهترين ذريعو آهي، ❖ هڪ تحقيق جي مطابق جيڪي ماڻهو مِسواڪ جا عادي آهن انهن جي مُهارن مان رت اچڻ جون شڪايتون تمام گهٽ هونديون آهن.

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** وات اسان جي بدن جو هڪ اهم حِصُّو آهي، هن جي ذريعي اسان کاڌو، پاڻي ۽ ٻيون شيون کائيندا پيئندا آهيون، انهيءَ وات مان تلاوتِ قرآن جي سعادت حاصل ڪندا، نعت و منقبت پڙهندا آهيون. اَلْحَمْدُلِلّٰه دورانِ وضو ڪُرڙي ۽ غرغرا ڪرڻ جي برڪت سان وات پاڪ و صاف رهندو ۽ ڪيئي بيمارين کان بہ حفاظت ٿيندي آهي.

## ڪُرڙي ۽ غرغرا ڪرڻ جا طبّي فائدا

هوا جي ذريعي بيشمار هلاڪ ڪندڙ جراثيم ۽ غذا جا اجزا اسان جي وات ۽ ڏندن ۾ لُعاب سان گڏ چنبڙي ويندا آهن، جيڪڏهن وضو ۾ ڏندڻ ۽ ڪُرڙين جي ذريعي وات جي بهترين صفائي نہ ڪئي وڃي

تہ خطرناڪ مرض پيدا ٿي سگهن ٿا؛ جيڪڏهن روزو نہ هجي تہ گرڙي سان گڏ گُرڙا ڪرڻ بہ سنّت آهي ۽ پابندي سان گرڙا ڪرڻ وارو ڪاڪِڙي وڌڻ ۽ ڳلي جي بيشمار بيمارين ايتري تائين جو ڳلي جي ڪينسر کان محفوظ رهندو آهي.

## نڪ ۾ پاڻي وجهڻ جا طبّي فائدا

دورانِ وضو نڪ ۾ پاڻي وجهڻ طبّي اعتبار سان گهڻو مفيد آهي ۽ هي عمل ڪيئي بيمارين کان محفوظ رکندو آهي. دائمي نزلي ۽ نڪ جي زخم جي مريضن جي لاءِ نڪ جو غسل (يعني وضو وانگر نڪ ۾ پاڻي چڙهائڻ) بيحد فائديمند آهي ۽ ماهرين ”هائيڊروپيٿي“ يعني پاڻي سان علاج جي ماهرن جي نزديڪ نڪ ۾ پاڻي وجهڻ سان نظر تيز ٿيندي آهي.

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** عام طور ڪي ماڻهو پنهنجي چهري جي تروتازگي وڌائڻ ۽ منهن جي موهيڙن کان جان ڇڏائڻ جي لاءِ چهري تي ٽوٽڪا ۽ نسخا آزمائيندا ۽ مهانگا مهانگا ڪريم هڻندا آهن تہ جيئن چهري تي هترادو چمڪ اچي. ياد رکو! ٽوٽڪا ۽ نسخا آزمائڻ ۽ مُهانگا ڪريم هڻڻ ڪانپوءِ چهرو وقتي طور تہ چمڪدار ٿيندو آهي پر بعد ۾ انهن جي ڪري چهري تي گهنج، داڳا، موهيڙا ۽ عجيب ۽ غريب داغ نڪري ايندا آهن، جيڪي سخت تڪليف جو سبب بڻجي ويندا آهن ۽ انهن جي سبب چهرو خوبصورت ٿيڻ بدران انتهائي بدصورت ٿي ويندو آهي. چهري جي خوبصورتي وڌائڻ ۽ ان کي شاداب بڻائڻ جي لاءِ وضو هڪ بهترين نسخو آهي،

چوتہ وضو ۾ تي پيرا چھرو ڌوتو ويندو آھي جنھن جي ڪري نہ صرف چھري جي رونق ۾ اضافو ٿيندو آھي بلڪ ان جي برڪت سان پيا ڪيئي طبي فائدا بہ حاصل ٿيندا آھن. جيئن تہ

## چھرو ڌوئڻ جا طبّي فائدا

وضو جي دوران چھري تي ٽي ٽي پيرا هٿ ڦيرڻ سان نہ صرف دماغ پُرسڪون ٿيندو آھي بلڪ چھري ۾ چمڪ ۽ چمڙي ۾ نرمي ۽ تازگي پيدا ٿي ويندي آھي. ڌوڙ مٽي صاف ٿي چھرو بارونق ۽ پُرڪشش ۽ رُعبدار ٿي ويندو آھي. اکين کي طاقت ملندي آھي ۽ اکيون بارونق ۽ پُرڪشش ٿي ونديون آھن. ھڪ يورپين ڊاڪٽر مقالو لکيو جنھن جو نالو ھو ”آئي واٽر هيلٿ “Eye water health ھن ۾ ان ھن ڳالھ تي زور ڏنو تہ”اکين کي ڏينھن ۾ ھر ھر ڌوئيندا رھو نہ تہ توھان کي خطرناڪ بيماريون لڳي سگھن ٿيون.

دے شوقِ تلاوت دے ذوقِ عبادت رہوں باوضومیں سدا یاالٰہی

(وسائل بخشش مرمم ص ١٠٢)

## وضوءِ ھاءِ بلڊ پريشر

ھڪ دل جي بيماري جي ماھر ڊاڪٽر جو وڏي يقين سان چوڻ آھي: تہ ھاءِ بلڊ پريشر جي مريض کي وضو ڪرايو، پوءِ ان جو بلڊ پريشر چيڪ ڪريو، لازمي طور تي گھٽ ھوندو. ھڪ مسلمان ماھرِ نفسيات جو چوڻ آھي: ”**نفسياتي بيمارين جو بھترين علاج وضو آھي.**“ مغربي ماھرين نفسياتي مريضن کي وضوءَ وانگر روزانو ڪيترائي پيرا جسم تي پاڻي ھڻڻ جو چوندا آھن. (وضُوء ۽ سائنس ص ٣)

## وضوءِ فالج

وضو ۾ جيڪي ترتيب وار عضوا ڌوتا ويندا آهن، اهي بہ حڪمت کان خالي ناهن. پهريان هٿن کي پاڻي ۾ وجهڻ سان جسم جو اعصابي نظام بيدار ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ آهستي آهستي چهري ۽ دماغ جي رڳن جي طرف ان جا اثرات پهچندا آهن. وضوءَ ۾ پهريان هٿ ڌوئڻ پوءِ ڪرڙي ڪرڻ پوءِ نڪ ۾ پاڻي وجهڻ پوءِ چهرو ۽ ٻيا عضوا ڌوئڻ جي ترتيب فالج جي روڪٿام لاءِ مفيد آهي، جيڪڏهن چهرو ڌوئڻ ۽ مسح ڪرڻ کان شروعات ڪئي وڃي تہ جسم ڪيترين ئي بيمارين ۾ مبتلا ٿي سگهي ٿو. (وضوء سائنس ص ٣)

## گهر ۾ وضو خانو ٺهرايو

اڄڪلهہ واش بيسن تي بيٺي بيٺي وضو ڪرڻ جو رواج آهي جيڪو مُستَحب جي خلاف آهي، افسوس ماڻهو پُرآسائش وڏا بنگلا تہ ٺهرائن ٿا پر ان ۾ وضو خانو نٿا ٺهرائن، سنّتن جو درد رکندڙ اسلامي ڀائرن جي خدمت ۾ مدني التجا آهي تہ ٿي سگهي تہ پنهنجي گهر ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ٽونٽيءَ وارو وضو خانو ضرور ٺهرايو، ان ۾ اهو احتياط ضرور رکو تہ ٽونٽيءَ مان پاڻي جي لار ڊاريڪٽ فرش تي ڪِرڻ بدران هيناهين واري جڳهہ تي ڪري نہ تہ ڌُنڌن ۾ رت وغيره اچڻ جي صورت ۾ بدن يا ڪپڙن تي ڇنڊا پوڻ جو مسئلو رهندو، ۽ جيڪڏهن توهان محتاط وضو خانو ٺهرائڻ چاهيو ٿا تہ هن رسالي جي پُٺيان ڏنل نقشي مان رهنمائي حاصل ڪيو. ڊبليو سي (W.C, water closet) ۾ پاڻي سان استنجا ڪرڻ جي صورت ۾

عام طور تي ٻنهي پيرن جي پيڏين ڏانهن چندا ايندا آهن ان لاءِ فارغ ٿيڻ کانپوءِ احتياط طور پيرن جا اهي حصا ڌوئي ڇڏڻ گهرجن .

## وضو خانو ٺهرائڻ جو طريقو

هڪ ٽونٽي جي گهريلو وضو خاني جي ڪُل مَساحت يعني ڊيگهه ٻائيتاليهه (42) انچ، ۽ ويڪر پوڻا اٽونجاهه انچ، زمين کان مٿاهين **پوڻا چوڏهن** انچ، ان جي مٿان وڌيڪ **ساڍا ست** انچ مٿاهين ويهڻ واري جاءِ جنهن جي ويڪر ساڍا ٽيهه انچ ۽ ڊيگهه هڪ ڪناري کان ٻي ڪناري تائين يعني ڏاڪي جيان هجي، ان ويهڻ واري جڳهه ۽ سامهون واري پٽ جو وچ وارو فاصلو 25 انچ، اڳيان کان اهڙي طرح لاهي (slope) ٺهرايو جو نالي ساڍا ٽي انچ کان وڌيڪ نہ هجي. پير رکڻ جي جڳهه قدم جي ڊيگهه جي مقدار کان ٿورو وڌيڪ هجي **مثال طور** ڪل سوا يارهن انچ هجي ۽ هن سڄي جڳهه جو اڳيون حصو ساڍا چار انچ کهرو رکو تہ جيئن رڳڙي پيرن جي مٿي (خاص طور سردين ۾) ڇڏائي سگهجي. L (ايل) يا u (يو) بناوت جي ”مڪسچر ٽونٽي“ ناليءَ جي زمين کان 32 انچ مٿي هجي، ٽونٽي جي سيٽنگ اهڙي طرح رکو جو پاڻي جي لار لاهيءَ (slope) تي ڪِري ۽ توهان لاءِ ڏندن جي رت وغيره ناپاڪيءَ کان بچڻ آسان ٿي وڃي. معمولي ترميم ڪري مسجدن ۾ بہ انهيءَ سيٽنگ سان وضو خانو ٺهرائي سگهجي ٿو.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

**نوٽ:** وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي لاءِ اميراهلسنت جي رسالي ”وضو جو طريقو“ جو مطالعو ڪيو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نمازِ مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو "فڪرِ مدينہ" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ "مدني انعامات" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "مدني قافلن" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل







عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net